मुहिंजी पियारी सिंधुड़ी-घोरियां तो तां जिंदुड़ी

“प्यारल”




Giyanidevi Thadharam Panjwani Charitable Trust

13 , Radhey-Radhey Complex,
Maya Cinema Road,
Kubernagar, Ahmedabad-382340.
Ph. : 30219113 M. : 9377308491



With Best Complimentsn From



Mahesh T, Panjwani

Kity CREATION

Exclusive Fancy Dress Materials

Tele : 079-30261185
Mahesh T. Panjwani 09998260490
Haresh M. Panjwani 09374620762
Neeraj M. Panjwani 09913910663

Block E, No. 25, Ground Floor,
Summel Business Park (Safal Mkt.)
Near New Cloth Mkt., Ahmedabad-2.

With Best Compliments From

(M) 9327047546
(R) 079-30219113



Atmaram T. Panjwani
B.Com., DTP

A. T. PANJWANI & ASSOCIATES

(Tax Consultants)

Off. : SF-11, Arjun Complex,
Near Naheru Children Park,
Rajavir, Kubernagar,
Ahmedabad-382340.
10.00 am to 01.00 pm
Ph. : (079-30218007)

Off. : 309,
Swaminarayan Complex,
Nr. Jubilee Hospital,
Madhav Baug, Panchkuva,
Ahmedabad-380002.
1.30 pm to 8.00 pm
Ph. : 079-30227546

सिंध जो इतिहास
कविता में

रचनाकार : थधाराम पंजवाणी ''प्यारल''
एड्रेस : 13, राधे राधे बंगलो,
जी-वोर्ड, माया सिनेमा रोड,
कुब्रेरनगर, अहमदाबाद-(गुजरात)-382340.
फोन : 079-30219113 (मो.) 9377308491

छापो : पहिरियो
कापियूं : 1000
कीमत : 30 Rs.
सालु : 2011
छपाईंदड़ : ज्ञानीदेवी थधाराम पंजवाणी चैरीटेबल ट्रस्ट
13, राधे राधे बंगलो, जी-वोर्ड,
माया सिनेमा रोड,
कुब्रेरनगर, अहमदाबाद-(गुजरात)-382340.
छपींदड़ : स्केन कम्प्युटर्स
3, राधेश्याम अपार्टमेन्ट,
नवदुर्गा सोसायटी रोड जे पासे में,
पाटीया, नरोड़ा रोड, अहमदाबाद-382345.
फोन : 30246776 (मो.) 9327007002

सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी

बुधो बुधो ऐं सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी
उहा क़ोम जंहि देश धर्म लइ ड्रिनी सदाईं क़ुरबानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी उमर कहाणी।

१. मेरू पर्बत खां हलदां आर्या सिंधू नदीअ किनारे आया
सिंधू घाटीअ में महिनत सां तिनि पंहिजा अझा बणाया
जिति ढोर डग्रन लइ मिल्यो चारो खेतन लइ झझो पाणी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२. सिंधू नदीअ में ब्रेडन रस्ते पंहिंजो करण लग्रा वापार
देश विदेश में थे निकतो सिंधियुन जो नामाचार
सिंधियुन पंहिंजे हिमथ सां केड्रा कयाकम लासानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३. सिंधियुन पंहिंजे उन देश खे सिंधु देश सड्रायो
सिंधी ब्रोली सिंधी सभ्यता सां सिंधु संसार सजायो
प्राचीन पंहिंजी सिंधू संस्कृति ऐं मिठिड़ी सिंधू वाणी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

४. अमन एकता प्यार मुहबत ऐं सच खे तिनि हो अपनायो
नफ़रत निंदा वेर दुस्मनी ऐं कूड़ खां पाण बचायो
गुज़री रही थे सुख शान्तीअ सां सिंधियुन जी ज़िंदगानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

५. बुधी शुहरत सिंधु देश जी सिकंदर कई चढ़ाई
सिंधी वीरन वीरता सां दुश्मन सां कई लड़ाई
शहीद थी विया केई सूरमा पर हार न उन्हन मानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

६. वक़्त गुज़िरन्दे लगी न वेकर, सिंधियुन कियड़ा पुरूता पेर
उन्हन पाण में कई एकता जंहिं खे टोड़े सघियो न केर
चर्चा थियण लगी दुनिया में वाह सिंधियुन जी कारस्तानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

७. अठीं सदीअ मुहमद बिन क़ासिम सिंधु ते काहे आयो
हाथी घोड़ा ऐं शाही लश्कर गडु वठी पाण सां आयो
खणी आयो ब्रियो पाण सां छ़लु कपटु ऐं बेईमानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

८. सिंधुपति राजा डाहिर भी दुश्मन जे साम्हूं आयो
सिंधी वीर जवानन जंगि में हो पंहिंजो पाण मल्हायो
करे ख़ातमो दुश्मन जे फ़ौज जो डेखारी हुई मर्दानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

९. संभरी दुश्मनु वापस आयो वरी हली ख़ूब लड़ाई
दोखे सां थियो शहीद डाहिर सिंधियुन जंगि हाराई
औरतुन सां गडु पाण जलाए थी सती उन जी राणी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१०. यारहीं सदीअ मिर्ख़शाह हाकिम कयो सिंधी हिंदुन ते अत्याचार
हिंदू पंहिजो धर्म मटायो इस्लाम दीन कयो अख़्तियार
मौतु डिनो वेंदो उन्हन खे जे कंदा हुकुम जी नाफ़रमानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

११. वठी मुहिलत मिर्ख़ शाह खां हिंदुन गडिजी कयो वीचार
ब्रार बुढा माताऊं भेनरु हल्या दरियाह शाह दुआर
दरियाह शाह आ इष्टु असां जो कंदो मुश्किल आसानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१२. सिंधू नदीअ जे कप ते सिंधी हिंदुन कई पुकार
संकट में आ धर्म असांजो कयो दरियाह शाह ॿेड़ा पार
जोतियूं ॿारे पंजड़ा ॻाए कंदा रहिया बंदगानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१३. ॿुधी पुकार नदीअ मां लालणु निकरी थियो निरवार
अछी ड़ाढ़ी पले सवारी हो विष्नूअ जो अवतार
जल्दी ईंदुस जनमू वठी थी अहिड़ी आकाशवाणी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१४. चेटीचंड जो ड्ंींहुं सदोरो रतनराइ धर बालकु ॼाओ
ख़बर ख़ुशीअ जी फहिली सिंध में सिंधियुन जो तारणहार आयो
सलूणी सूरत मोहिणी मूरत नेणन नूर नूरानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१५. नंढपिण में ई लॻो ड़ेखारण पंहिंजे इस्रारन जो ताउ
पंहिंजे माउ खे वात पंहिंजे में ड़ेखारियो दरियाह शाह
चमत्कार ड़िसी ॿालक जा माणस थी वेई दीवानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१६. घर में ॿालक जो नालो रखियाऊं उदय उड़ेरोलाल
हिंदू हुन खे सड़ण लॻा जोतियुन वारो झूलेलाल
स्वयं वरूण देव आयो धरतीअ ते जनम वठी इन्सानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१७. मिली ख़बर इहा मिर्ख़शाह खे मिर्ख़शाह घॿिरायो
धुराए वज़ीर याहियाख़ान खे हुकुम इहो फ़रमायो
ख़तम कयो उन ॿालक खे जीअं रहे न का उन जी निशानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१८. याहिख़ान कपटु रखी मनं में हू रतनराइ धर आयो
ज़हिर सां भरियलु गुल खणी ब॒ालक खे थे हुन सिंधायो
उदय फूक ड॒िनी उन गुल खे गुलु वियो परे उड॒ामी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

१९. पोइ दोखे सां हाकिम उदय खे पंहिंजी दरब॒ार घुरायो
हुकुम कयो सिपाहियुन खे उदय खे बंदी बणायो
उदय जे हिक इशारे सां दरब॒ार थी वेई पाणी पाणी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२०. आख़िर हार मञी मिर्खशाह शरण उदय जे आयो
हिंदू मुस्लिम रइयत आ रब जी इहो राज़ु उदय समुझायो
ईश्वर अल्लाह नाला हिक जा जेके रखियल आहिन इन्सानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२१. ब॒िन्हीं कोमुन खे हिकु करे उदय भाईचारो करायो
बिना ख़ून ख़राबे जे हुन धर्म हिंदुन जो बचायो
अज॒ु भी आहे सिंधियुनि मथां उदय जी महिरबानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२२. उन खां पोइ सूमरा आया समा ऐं अरगोन आया
तुर्क आया ऐं मुग़ुल आया पोइ कल्होड़ा भी आया
सदियुन ताईं सहंदा आया ग़ैरन जी सिंधी ग़ुलामी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२३. उमर मारुई ससुई पुन्हूं सिंध जा क़िसा मशहूर हुआ
ज॒ाम तमाची मूमल राणो ब॒िया भी किसा मशहूर थिया
मशहूर हुओ मोहन जो दड़ो वड॒िड़न जी अमर निशानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२४. सिंधु देश साधन संतन जो पीरन ऐं फ़क़ीरन जो
शाइरन कवि अदीबन जो गाइकन साहित्यकारन जो
शाइर हुआ बेवस बेदिल शाह सचल ऐं सामी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२५. गाइकु सिंध जो मास्तर चंदिरु ऐं साईं सचो सतराम
छेरि ब॒धी फेरियूं पाए भग॒ति विझंदो हो कंवरराम
मुअलन खे जीआरण वारो संतु सचो हो सुल्तानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२६. महंत साईं हरनामदास जंहिं ठहिरायो सखर में साधु ब॒लो
हरदम जिते साधन संतन जो लग॒ंदो रहंदो हो मेलो
ब॒िया भी सहसें संत हुआ महात्मा ऐं ज्ञानी ध्यानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२७. आख़िर में अंग्रेज़न भारत ते पंहिंजो झंडो फहिरायो
ज़ुल्म ज़ोर जी करे हुकूमत जनता में हाहाकार मचायो
लुटेरन वांगे लूटे हिंद खे कंदा रहिया से मन मानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२८. ज़ुल्म सही अंग्रेजन जा जनता में सुजाग॒ी आई
देश सज॒े में आज़ादीअ लइ छिड़ी वई हुई लड़ाई
आज़ादीअ जे तहिरीक में सभु हिकु थी विया हिंदुस्तानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

२९. इन्क़लाब जी आई आँधी सिंधियुन पाण मल्हायो
कवि शाइरन पंहिंजे कलम सां जवानन में जोश जाग॒ायो
पत्रकार भी पिया न पुठिते जिनि जनता जी कई अग॒िवानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३०. जोशु डि॒सी सिंधी जवानन जो अंग्रेज़न तिनि खे क़ैद कयो
क़ैद में उन्हन जवाननि ते मिरुन मिसल थे सलूक कयो
औरतुन जी भी इज़्ज़त लूटी बि॒या ज़ुल्म कया जिस्मानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३१. सिंधुड़ीअ जो हिकु वीर जवान तंहिं खे गोरन क़ैद कयो
गोरनं सां भरियल रेल केराइण जो उन सपूत हो डो॒हु कयो
फासीअ जो हुकुम थियो उन ते ख़ुश थियो हेमूं कालाणी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३२. इन्क़लाबियुन जे नारन सां थे गूंजियो धरती आसमान
फंदो फासीअ जो पंहिंजे गले में उन विधो पाण हथन सां
खिलंदे खिलंदे आज़ादीअ लाइ डि॒नी वीर ब॒लिदानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३३. सिंधु जो सचो संत कंवर मुहिताजन जो हमदर्द कंवर
उन खे कटरपंथियुन हंयूं गोल्यूं शहीद थियो भग॒तु कंवर
हिंदू मुस्लिम जो भेदु न जंहिं में दर्वेश हो दिलि जानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३४. महात्मा गाँधीअ गोरन साम्हूं कयो सत्याग्रह जो ऐलान
सत्याग्रह में जेल वया पिण सवें सिंधी वीर जवान
जेलन में अंग्रेज़ उन्हन सां हलति हल्या हैवानी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३५. आख़िर आणि मञी अंग्रेज़न भारत खे आज़ाद कयो
भारत जो थियो क़ोमी बटवारो जंहिं में सिंधियुन जो वतन वियो
भारत खे मिली मिठिड़ी आज़ादी सिंधियुन खे मिली गु॒लामी
बु॒धो बु॒धो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३६. आज़ादीअ जो मिठिड़ो मेवो सिंधियुन खे कीन मिल्यो
पंहिंजे ई वतन में सिंधियुन जो क़तले आमु थियो
बेघर थी विया हिंदू सिंधी आई अहिड़ो सुनामी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३७. पंहिंजन जा मारिया सिंधी वेचारा वतनु छडिणु लाइ थिया तैयार
रुअंदा रड़ंदा हथें ख़ाली छडे हल्या सभु घर ॿार
भारत जे आज़ादीअ ख़ातिर कई निछावर तिनि ज़िंदगानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३८. सिंधी पहुंची भारत में करण लगा धंधा वापार
थोरो खटियो घणी बरकत ऐं सचाईअ जो वहिंवार
हलंदा रहिया वधंदा रहिया पर हार न हरगिज़ मानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

३९. सिंधी सपूत भाई प्रताप जंहिं गाँधीधाम बणायो
रहण आया पहिरियाईं सिंधी पोइ ब्रियन अची वरसायो
अजु भी उते रहन था सिंधियुन खां वधु हिंदुस्तानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

४०. सिंधियुन पंहिंजी महिनत सां पोइ त पैसा ख़ूब कमाया
इस्पतालूं कालेज ठहिराया ऐं सुहणा सिंधू भवन बणाया
झूलेलाल जा मंदिर ठाहिया ब्रिया कम कया लासानी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

४१. दौलत जे डुकडोड़ में सिंधी असुल्यत विया विञाए
सिंधी भाषा सिंधी सभ्यता भी रहिया आहिन भुलाए
वेठा भुलाए पंहिंजी सुञाणप ॿोली सिंधी अॿाणी
ॿुधो ॿुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

४२. अहिड़न खे केरु समुझाए त दौलत सभु कुछु नाहे
असांजी ताक़त पंहिंजी एकता ऐं सिंधियत में आहे
एकता जे ताक़त सां था कम थियन सभु आसानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

४३. वक़्त जी आ पुकार इहा ई सिंधी ख़ुदि खे समुझायो
सिंधी ब्रोली सिंधी भाषा ऐं सिंधियत पंहिंजी बचायो
हाणे वक़्त विञाइण जी मतां कयो का नादानी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

४४. सिंधियुन जो आ इतिहेस अनोखो जिनि खे सदा मिल्यो आ दोखो
जेड्रा सूर सठा हिन सिंधियुन सही न सघंदो ब्रियो को
पियारल यादि करे इतिहास खे, वहे थो अखियुन मां पाणी
बुधो बुधो ऐ सिंधी वीरो सिंधी क़ोम जी अमर कहाणी।

"प्यारल"

सिंधी शेर आहिनि, दिलेर आहिनि पर पोइ ड्रिज्ञनि छो था
करे आया वतनु कुरिबानु पाण खे घटि चवनि छो था
गड्रिजनि पाण में जिते सिंधी ग़ाल्हाइण खां छिरिकनि छो था
महानु पंहिंजी सिंधी ब्रोली उनजो अपिमानु कनि छो था
बणी आया हिन्दु में बेघर ठाहे वेठा आहिनि हिते मंदिर
महेनतकशु मर्द आहिनि मर्दानगीअ खां भज्ञनि छो था
ठाहियो आहे जो कुछु भी पंहिंजे महेनत सां ठाहियो आ
कई न आहे कंहिं इनायत "प्यारल" चवण खां ड्रकनि छो था

"प्यारल"

एकता जी जोति

१- अचो सभु सिंधी गद्दिजी झूलेलाल जी जय मनायूं,
नंढ़े वडे जो फ़र्क़ु भुलाए हिक ब्रिए खे गले लगायूं,
सिंध्यत खे बचाइण ख़ातिर एकता जी जोति जागायूं,
अचो सभु सिंधी गद्दिजी झूलेलाल जी जय मनायूं।

२- धर्म ख़ातिर देशु छद्दियोसीं हिति अची शरणार्थी थियासीं,
दुख तकलीफ़ूं सहंदे पुरषार्थ सां सभु ठाहियोसीं,
वक़्तु आयो आ हाणे भाउरो पंहिंजे समाज खे ठाहियूं,
अचो सभु सिंधी गद्दिजी झूलेलाल जी जय मनायूं।

३- सिंधी ब्रोली सिंधी संस्कृती समाज मां वञे थी टुटंदी,
विदेशी रहिणी- विदेशी कहिणी रस्म वञे थी वधंदी,
अहिड़नि ग़लित वीचारनि जो करे ख़ातिमो पाणु बचायूं,
अचो सभु सिंधी गद्दिजी झूलेलाल जी जय मनायूं।

४- प्रांत असां खे पंहिंजो नाहे लीडरशिप कमज़ोर आहे,
असां जो हिकु आवाज़ु नाहे हरिको थो पंहिंजी हलाए,
"प्यारल" सां आवाज़ु मिलाए चओ असां सभु हिकु आहियूं,
अचो सभु सिंधी गद्दिजी झूलेलाल जी जय मनायूं।

सिंध में रहां या हिंद में रहां

मां सिंध में रहां या हिंद में रहां,
मां सिंधी सदायां जिते भी रहां।

सिंधु मुंहिंजो वतनु वॾिड़नि जो वतनु,
मां घोरियां उन्हीअ तां पंहिंजो तनु बदनु,
सिंध जो मिटी महानु तिलकु उन जो कयां,
बदन खे मले जन्मु सफलो कयां।

मुंहिंजी ॿोली सिंधी मिठिड़ी ॿोली सिंधी,
ॾिनी जा माउ लोली सा ॿोली सिंधी,
सिंधी ॿोली महानु वॾिड़नि जो फ़रिमान,
कीन उन खे भुलां केॾा सूर भी सहां।

सिंधी मुंहिंजो परिवारु ग़रीबु या शाहूकारु,
जाइ जीअ में ॾियां कयां प्यारु बेशुमारु,
सिंधीयत धर्मु ईमानु **"प्यारल"** जो ज़बान,
याद हरदमु रखां इहो क़ौलु थो कयां,
मां सिंध में रहां या हिंद में रहां,
मां सिंधी सदायां जिते भी रहां ।

सिंध्यत किथे आ

हुई सिंधु में जा सिंध्यित किथे आ,
मिठिड़ी मुरिक वारी मुहबत किथे आ।

१. हुई सिंधु में सादिगी ऐं सचाई,
अमीरी ग़रीबीअ जी कल न काई,
उहा लाइक़ी ऐं लियाक़त किथे आ,
हुई सिंधु में जा सिंध्यित किथे आ।

२- हुओ पाण में नातो नींहं वारो,
निभायोसीं गद्रिजी प्यारु ऐं भाईचारो,
उहा नियाज़ वारी निविड़त किथे आ,
हुई सिंधु में जा सिंध्यित किथे आ।

३- न हो फ़र्कु हिंदू मुस्लमान जो,
हो रिशितो फ़क़ति हिकु इन्सिान जो,
उहो इन्सानु ऐं इन्सानियत किथे आ,
हुई सिंधु में जा सिंध्यिति किथे आ।

४- आयो अहिड़ो तूफ़ानु अलग्रि थी वियासीं,
दिलियुन खांबि "प्यारल" दूर थी वियासीं,
मिलाए असां खे अहिड़ो औल्याऊ किथे आ,
हुई सिंधु में जा सिंध्यिति किथे आ।

سنڌيت ڪٿي آ

هئي سنڌ ۾ جا سنڌيت ڪٿي آ،
منهنجي مُرڪ واري محبت ڪٿي آ.

۱- هئي سنڌ ۾ سادگي ۽ سچائي،
اميري غريبيءَ جي ڪل نہ ڪائي،
اها لائقي ۽ لياقت ڪٿي آ،
هئي سنڌ ۾ جا سنڌيت ڪٿي آ.

۲- هئو پاڙ ۾ ناتو نينهن وارو،
نيايوسين گڏجي پيار ۽ پائيچارو،
اها نياز واري نوڙت ڪٿي آ،
هئي سنڌ ۾ جا سنڌيت ڪٿي آ.

۳- نہ هو فرق هندو مسلمان جو،
هو رشتو فقط هڪ اِنسان جو،
اهو اِنسان ۽ اِنسانيت ڪٿي آ،
هئي سنڌ ۾ جا سنڌيت ڪٿي آ.

۴- آيو اهڙو طوفان الڳ تي وياسين،
دلين ڪان بہ ”پيارل“ دور ٿي وياسين،
ملائي اسان کي اهڙو اولياءُ ڪٿي آ،
هئي سنڌ ۾ جا سنڌيت ڪٿي آ.

سنڌ ۾ رهان يا هند ۾ رهان

مان سنڌ ۾ رهان يا هند ۾ رهان،
مان سنڌي سڏايان جتي ٻي رهان.

سنڌ منهنجو وطن وڏڙن جو وطن،
مان گهوريان اُنهيءَ تان پنهنجو تن بدن،
سنڌ جي مِٽي مهان تلڪ اُن جو ڪيان،
بدن کي ملي جنم سڦلو ڪيان.

منهنجي ٻولي سنڌي منڙي ٻولي سنڌي،
ڏني جا ماءُ لولي سا ٻولي سنڌي،
سنڌي ٻولي مهان وڏڙن جو فرمان،
ڪين اُن کي ڀلان ڪيڏا سوُر ٻي سهان.

سنڌي منهنجو پريوار غريب يا شاهوڪار،
جاءِ جيئہ ۾ ڏيان ڪيان پيار بيشمار،
سنڌيت ڌرم ايمان ”پيارل“ جي زبان،
ياد هردم رکان اهو قول تو ڪيان،
مان سنڌ ۾ رهان يا هند ۾ رهان،
مان سنڌي سڏايان جتي ٻي رهان.

ايڪتا جي جوت

١- اچو سڀ سنڌي گڏجي جهوليلال جي جئہ ملهايون،
نئين ورهي جو فرق ٻلائي هڪ ٻئي کي گلي لڳايون،
سنڌيت کي بچائڻ خاطر ايڪتا جي جوت جاڳايون،
اچو سڀ سنڌي گڏجي جهوليلال جي جئہ ملهايون.

٢- ڌرم خاطر ديش ڇڏيوسين هت اچي شرڻارٿي ٿياسين،
ڏک تڪليفون سهندي پرشارٿ سان سڀ ٺاهيوسين،
وقت آيو آ هاڻي پائرو پنهنجي سماج کي ٺاهيون،
اچو سڀ سنڌي گڏجي جهوليلال جي جئہ ملهايون.

٣- سنڌي ٻولي سنڌي سنسڪرتي سماج مان وڃي ٿي ٽلندي،
وديشي رهڻي - وديشي کهڻي رسم وڃي ٿي وڌندي،
اهڙن غلط ويچارن جو ڪري خاتمو پاڻ بچايون،
اچو سڀ سنڌي گڏجي جهوليلال جي جئہ ملهايون.

٤- پرانت اسان کي پنهنجو ناهي ليڊرشپ ڪمزور آهي،
اسان جو هڪ آواز ناهي هرڪو ٿو پنهنجي هلائي،
”پيارل“ سان آواز ملائي چئو اسان سڀ هڪ آهيون،
اچو سڀ سنڌي گڏجي جهوليلال جي جئہ ملهايون.

۴۲- اهڙن کي کير سمجهائي تہ دولت سڀ ڪجهہ ناهي،
اسان جي طاقت پنهنجي ايڪتا ۽ سنڌيت ۾ آهي،
ايڪتا جي طاقت سان ٿا ڪم ٿين سڀ آساني،
پڙو پڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۴۳- وقت جي آ پڪار اها ئي، سنڌي خود کي سمجهايو،
سنڌي ٻولي سنڌي ڀاشا ۽ سنڌيت پنهنجي بچايو،
هاڻي وقت وڃائڻ جي مٿان ڪيو ڪا ناداني،
پڙو پڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۴۴- سنڌين جو آ اِتهاس انوکو، جن کي سدا مليو آ دوکو،
جيڏا سور سنا آهن سنڌين، سهي نہ سگهندو ٻيو ڪو،
'پيارل' ياد ڪري اتهاس کي، وهي ٿو اکين مان پاڻي،
اچو اچو سڀ سنڌي پڙو سنڌين جي دکہ ڀري ڪهاڻي.

''پيارل''

❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋

سنڌي شير دلير پر پوءِ ڏڄڻ چو ٿا
ڪري آيا وطن قربان پاڻ کي گهٽ چون چو ٿا
گڏجن پاڻ ۾ جٽ سنڌي ڳالهائڻ کان ڇرڪن چو ٿا
مهان پنهنجي سنڌي ٻولي ان جو اپمان ڪن چو ٿا
ٻٽي آيا هند ۾ بي گهر ٿاهي وينا آهن هٽ مندر
محنت ڪش مڙد آهن مڙدانگيءَ کان ڀڄن چو ٿا
ٿاهيو آهي جو ڪجهہ ڀي پنهنجي محنت سان ٿاهيو آ
ڪئي ناهي ڪنهن عنايت ''پيارل'' چوڻ کان ڏکن چو ٿا

''پيارل''

❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٣٦- آزاديءَ جو منو ميوو، سنڌين کي ڪين مليو،
پنهنجي ئي وطن ۾، سنڌين جو قتل-اي-عام ٿيو،
بي گهر ٿي ويا هندو سنڌي، آئي اهڙي سُنامي،
ڀڏو ڀڏو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٣٧- پنهنجن جا ماريا سنڌي، ويچارا وطن ڇڏڻ لئه ٿيا تيار،
رئندا رڙندا هٿين خالي، ڇڏي هليا سڀ گهر ٻار،
ڀارت جي آزاديءَ خاطر، ڪئي نڇاور تن زندگاني،
ڀڏو ڀڏو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٣٨- سنڌي پهچي ڀارت ۾، ڪرڻ لڳا ڌنڌا واپار،
ٿورو ڪئيو گهڻي برڪت ۽ سچائيءَ جو وهنوار،
هلندا رهيا وڌندا رهيا، پر هار نه هرگز ماني،
ڀڏو ڀڏو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٣٩- سنڌي سپوت ڀائي پرتاب، جنهن گانڌيڌام ٺاهيو،
رهڻ آيا ڦهريائين سنڌي، ڀوءِ ڀين اچي ورسايو،
اڄ ٻي اُتي رهن ٿا سنڌين ڪان وڌ هندستاني،
ڀڏو ڀڏو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٤٠- سنڌين پنهنجي محنت سان، ڀوءِ پيسا خوب ڪمايا،
اِسپتالون ڪاليج ٺهرايا ۽ سهڻا سنڌو ڀون ٺاهيا،
جهوليلال جا مندر ٺاهيا، ڪيڏا ڪم ڪيا لاثاني،
ڀڏو ڀڏو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٤١- دولت جي ڊڪ ڊوڙ ۾، سنڌي اصليت وڃنا ڀلائي،
سنڌي سڀيتا سنڌي ڀاشا، ٻي رهيا ساڻ وڃائي،
ڀلائي وڃنا پنهنجي سڃاڻپ، ٻولي سنڌي اباڻي،
ڀڏو ڀڏو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۳۰- جوش ڏسي سنڌي جوانن جو، انگريزن تن کي قيد ڪيو،
قيد ۾ انهن جوانن تي، مرن مٿل تي سَلوڪُ ڪيو،
عورتن جي پي عزت لُٽي، پيا ظلم ڪيا جسماني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۳۱- سنڌڙيءَ جو هڪ وير جوان، ان کي انگريزن قيد ڪيو،
انگريزن جي ريل ڪيرائڻ جو، ان سپوت هو ڏوهه ڪيو،
ڦاسيءَ جو حڪم تيو ان تي، خوش تيو هيمون ڪالاڻي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۳۲- انقلاب جي نعرن سان تي، گونجيو ڌرتي آسمان،
ڦندو ڦاسيءَ جو پنهنجي گلي ۾، ان وڌو پاڻ هٿن سان،
ڪلنڌي ڪلنڌي آزاديءَ لئه، ڏني وير ٻليداني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۳۳- سنڌ جو سچو سنت ڪنور، محتاجن جو همدرد ڪنور،
اُن کي ڪٽرپنٿين گوليون هنيون، شهيد تيو ڀڳت ڪنور،
هندو مسلم جو ڀيد نه جنهن ۾، ڪرمشٽ دل جاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۳۴- مهاتما گانڌيءَ گورن سامهون، ڪيو ستياگره جو اعلان،
ستياگرهي جيل ويا پڻ، سوين سنڌي وير جوان،
جيلن ۾ انگريز اُنهن سان، هلت هليا حيواني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۳۵- آخر آڻ مڃي انگريزن، ڀارت کي آزاد ڪيو،
ڀارت جو تيو قومي ٻٽوارو، ان ۾ سنڌين جو وطن ويو،
ڀارت کي ملي منڙي آزادي، سنڌين کي ملي غلامي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٤- سنڌ ديش ساڌن سنتن جو، پيرن ۽ فقيرن جو،
شاعرن ڪوي اديبن جو، گائڪن ساهتيڪارن جو،
شاعر هئا بيوس بيدل، شاهه سچل ۽ سامي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٥- گائڪ سنڌ جو ماستر چندر ۽ سائين سچو سترام،
ڇير ٻڌي ڀڳت ڀريون پائي ڀڳت وجهندو هو ڪنوررام،
مئلن کي جيئارڻ وارو، سنت سچو هئو سلطاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٦- مهنت سائين هرنامداس، جنهن ڦهرايو هو سکر ۾ ساڌ ٻيلو،
هردم جتي ساڌن سنتن جو، لڳندو رهندو هو ميلو،
ٻيا ڀي سهسين سنت هئا، مهاتما گياني ڌياني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٧- آخر ۾ انگريزن ڀارت تي، پنهنجو جهنڊو ڦهرايو،
زور ظلم جي ڪري حڪومت، جنتا ۾ هاهاڪار مچايو،
لُٽيرن وانگر لُٽي هند کي، ڪندا رهيا سي من ماني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٨- ظلم سهي انگريزن جا، جنتا ۾ سجاڳي آئي،
سڄي ديش ۾ آزاديءَ لئه، ڇڙي وئي هئي لڙائي،
آزاديءَ جي تحرڪ ۾ سڀ هڪ ٿي ويا هندستاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٩- انقلاب جي آئي آندي، سنڌين هو ڀاڱ ملهايو،
ڪوي شاعرن پنهنجي قلم سان، جوانن ۾ جوش جاڳايو،
پترڪار ڀي پيا نه پٺتي، جن جنتا جي ڪئي اڳواڻي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٨- ياهياخان ڪپٽ رکي من ۾، هو رتن راءِ گهر آيو،
زهر سان ڀريل گل ڪٽي، ٻالڪ کي تي ان سنگهايو،
ادئہ ڦوڪ ڏني ان گل کي، گل ويو پري اُڏامي،
ڀڙو ڀڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٩- حاڪم دوکي سان ٻالڪ کي، دربار ۾ پنهنجي گهرايو،
حڪم ڪيو سپاهين کي، اُديہ کي بندي بڻايو،
ادئہ جي هڪ اِشاري سان، دربار تي ويئي ڦاٽي ڦاٽي،
ڀڙو ڀڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٠- آخر هار مڃي مرکہ شاهہ، شرڻ ادئہ جي آيو،
هندو مسلم رعيت هڪ رب جي، اُن کي ادئہ سمجهايو،
ايشور الله نالا هڪ جا، رکيل آهن اِنساني،
ڀڙو ڀڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢١- ٻنهي قومن کي هڪ ڪري، ادئہ ڀائيچارو ڪرايو،
بنا خون خرابي جي هن، هندن جو ڌرم بچايو،
اڄ ڀي آهي سنڌين مٿان اُديہ جي مهرباني،
ڀڙو ڀڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٢- اُن کانپوءِ سوُمرا آيا سَما آيا ارِگون ڀي آيا،
ترڪ آيا ۽ مغل آيا پوءِ ڪلهوڙا ڀي آيا،
صدين تائين سهندا آيا، غيرن جي سنڌي غلامي،
ڀڙو ڀڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢٣- عمر مارئي سَسئي پنهون، سنڌ جا قصا مشهور هئا،
چام تماچي مومل راڻو، ٻيا ڀي قصا مشهور ٿيا،
مشهور هئو موهن جو دڙو، وڏڙن جي امر نشاني،
ڀڙو ڀڙو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٢- سندو نديءَ جي ڪپ تي، سنڌي هندن ڪئي پڪار،
سنڪٽ ۾ آ ڌرم اسانجو، ڪيو درياه شاه بيڙا پار،
جوتيون ٻاري پنجڙا ڳائي، ڪندا رهيا بندگاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٣- ٻڌي پڪار نديءَ مان لالڻ نڪري ٿيو نروار،
اچي ڏاڙهي پلي سواري هو وشنوءَ جو اوتار،
جلدي ايندس جنم وٺي، ٿي اهڙي آڪاش واڻي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٤- چيٽي چنڊ جو ڏينهن سدورو، رتن راءِ گهر ٻالڪ جائو،
خبر خوشيءَ جي ڦهلي سنڌ ۾، سنڌين جو تارڻ هار آيو،
سهڻي صورت موهڻي مورت، نيڻي نور نوراني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٥- ننڍپڻ ۾ ئي لڳو ڏيکارڻ، پنهنجي اِسرارن جو تاڻُ،
پنهنجي ماءُ کي وات پنهنجي ۾، ڏيکاريو درياه شاه،
چمتڪار ڏسي ٻالڪ جا، ماڻهس ٿي ويئي ديواني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٦- گهر ۾ ٻالڪ جو نالو رکيائون اُدئه اُڏيرو لعل،
هندو هن کي سڏڻ لڳا، جوتين وارو جهوليلال،
سويم وروڻ ديو آيو ڌرتيءَ تي، جنم وٺي اِنساني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٧- ملي خبر اها مرکه شاه کي، مرکه شاه گهبرايو،
گهرائي وزير ياهيا خان کي، حڪم اهو فرمايو،
ختم ڪيو ان ٻالڪ کي، جيئن رهي نه ڪا ان جي نشاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٦- وقت گذرندي لڳي نہ ويرَ، سنڌين ڪيا پختا پير،
انهن پاڻ ۾ ڪئي ايڪتا، جنهن کي ٽوڙي سگهي نہ ڪير،
چرچا ٿيڻ لڳي دنيا ۾، واهہ سنڌين جي ڪارستاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٧- اٺين صديءَ محمد بن قاسم، سنڌ تي ڪاهي آيو،
هاٿي گهوڙا شاهي لشڪر، گڏ وٺي پاڻ سان آيو،
ڪٺي آيو پيو پاڻ سان ڦَلُ ڪپٽ ۽ بي ايماني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٨- سنڌو پٽي راجا ڏاهر پيءِ، دشمن جي سامهون آيو،
سنڌي وير جوانن جنگ ۾، پنهنجو پاڻ ملهايو،
ڪري خاتمو دشمن جي فوج جو، ڏيکاري هئي مرداني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٩- سنيري دشمن واپس آيو، وري هلي خوب لڙائي،
دوکي سان ٿيو شهيد ڏاهر، سنڌين جنگ هارائي،
عورتن سان گڏ پاڻ جلائي، ستي ٿي ان جي راڻي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١٠- يارهين صديءَ مرکہ شاهہ حاڪم، ڪيو هندن تي اتياچار،
هندو پنهنجو ڌرم مٽايو، اِسلام دين ڪيو اختيار،
موت ڏنو ويندو اُنهن کي، جي ڪندا حڪم جي نافرماني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

١١- وٺي مهلت مرک شاهہ کان، هندن ڪيو گڏجي ويچار،
ٻار ٻڍا، ماتائون ڀينر، هليا درياهہ شاهہ دئار،
درياهہ شاهہ آ اشٽ اسان جو، ڪندو مشڪل آساني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي

ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي،
اها قوم جنهن ديش ڌرم لئہ ڏني سدا آ قرباني.

١- ميرو پربت کان هلندا آريا سنڌو نديءَ ڪناري آيا،
سنڌو گهاٽيءَ ۾ محنت سان تن پنهنجا اجها ٺاهيا،
جتي ڍور ڍڳن لاءِ مليو چارو، فصلن لاءِ جهجهو پاڻي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٢- سنڌو نديءَ ۾ ٻيڙن رستي ڪرڻ لڳا پنهنجو واپار،
ديش وديش ۾ ٿي نڪتو، سنڌين جو ناماچار،
سنڌين پنهنجي همٿ سان، ڪيا ڪيڏا ڪم لاثاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

٣- سنڌين پنهنجي ان ديش کي، سنڌو ديش سڏايو،
سنڌي ٻولي سنڌي ڀاشا سان سنڌو سنسار سجايو،
سنڌو سڀيتا سنڌو سنسڪرتي، ۽ منڙي سنڌو واڻي،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۴- امن ايڪتا پيار محبت ۽ سچ کي هو تن اپنايو،
نفرت نندا وير دشمني ۽ ڪوڙ کان پاڻ بچايو،
گذر رهي ٿي سک چئن سان تن جي زندگاني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

۵- ٻڌي شهرت سنڌو ديش جي، سڪندر ڪئي چڙهائي،
سنڌي ويرن ويرتا سان، دشمن سان ڪئي لڙائي،
شهيد ٿي ويا ڪيئي سورما، پر هار نہ انهن ماني،
ٻڌو ٻڌو اي سنڌي ويرو، سنڌي قوم جي امر ڪهاڻي.

سنڌ جو اِتهاس

ڪويتا ۾

رچناڪار : ٽڏارام پنجواڻي 'پيارل'

ائڊريس : 13، راڌي راڌي بنگلو،
مايا سئنميا روڊ، جي-وارڊ،
ڪبيرنگر، احمدآباد - 382340.
فون : 079-30219113 -موبائيل 9377308491

ڇاپو : پهريون

ڪاپيون : 1000

قيمت : 30 رپيا

سال : 2011

ڇپائيندڙ : گياني‌ديوي ٽڏارام پنجواڻي چيريٽيبل ٽرسٽ
13، راڌي راڌي بنگلو،
مايا سئنميا روڊ، جي-وارڊ،
ڪبيرنگر، احمدآباد - 382340.

ڇپيندڙ : اِسڪين ڪمپيوٽرس
3، راڌي شيام ڪامپليڪس،
پاٽيا، نروڙا روڊ، احمدآباد.
موبائيل : 9327007002

सिंध जो इतिहास

سنڌ جو اِتهاس

कविता में

ڪويتا ۾





رچناڪار: ٿڌارام پنجواڻي 'پيارل'

रचनाकार: थधाराम पंजवाणी "प्यारल"